# شهري

شهري براءِ بهتر ماحول

جولاءِ کان ڊسمبر 2023ع

شهري
CITIZENS FOR A BETTER ENVIRONMENT

ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته شهرين جو هڪ ننڍڙو طبقو جيڪو شعور رکندو آهي اهو يقينن دنيا کي بدلي سگهي ٿو.
مارگريٽ ميڊ

## ”سيني لاءِ هڪ ۽ هڪ سيني لاءِ“ - هي ڪوآپريٽو مومينٽ جو روح آهي!

اسان لفظ ”سهڪار/مدد“ انهن سيني معاملن ۾ پڙهون ٿا ته جتي هڪ کان وڌيڪ ماڻهو شامل هجن ۽ جتي هڪ فرد جي عمل سان ٻئي کي فائدو ٿئي يا نقصان ٿئي. 19 هين صدي جي شروعا ۾ صنعتي قرارداد کي نظر ۾ رکندي ڪوآپريٽو جي جوڙ جڪ ضرورت تحت ڪئي وئي هئي، ته جيئن بليو ڪلر ورڪرزن جي حقن، انهن جي زندگي ۽ معاشيات کي صنعتي انقلاب جي وسيلي سان ان ٿيي مسلط ڪيل تلخ حقيقتن تحت انهن کي محفوظ رکي سگهجي. ڪوآپريٽو مزدورن جي حقن جي تحفظ، مربوط ڪميونٽيز جي جوڙجڪ ڏيڻ ۽ محنت ڪش طبقي جي جدوجهد کي مظبوط رکڻ لاءِ وجود ۾ آيو.

وقت گذرڻ سان گڏ ڪيترين ئي ڪوآپريٽيون ٺهي ويون. جڏهن ته انهن مان ڪيتريون ئي ناڪام ۽ ختم ٿي ويون. بهرحال 1844 ۾، برطانيه جي ننڍڙي شهر سان تعلق رکندڙ 28 ڪاٽن ورڪرن جو هڪڙو گروپ خراب ڪم ڪندڙ حالتن ۽ غير منصفانه اجرت کي منهن ڏئي رهيا هئا. انهن گڏجي ريچڊيل ايڪونٽ ايبل پايونيئر سوسائٽي ٺاهي وئي، جيڪا جديد ڪمپني جي حوالي سان پهريون پيرو متعارف ڪرائي وئي. انهيءَ برادري جي اصولن کي روچڊيل جي انن اصولن جي طور تي سمجهيو وڃي ٿو جيڪو جمهوريت، پيشي وراڻي اخلاقيات ۽ شامل ٿيڻ وارن اصولن تحت تيار ڪيا هئا. اهي اصول ڪوآپريٽو مومينٽ جو بنياد بڻجي چڪو آهي. اهو وقت سان گڏ بهتر انداز ۾ متعارف ٿي ويا آهن. انهن کي ڪنهن نه ۽ هر ڪوآپريٽو سوسائٽيڱ جي وضاحتي خاصيتن سميت ضابطي جي طور تي وڏي پيماني تي قبول ڪيو وڃي ٿو، جنهن جي تعميل روچڊيل سوسائٽي جي بانين مان هڪ چارلس هاروٿ پاران ڪئي وئي. ڪوآپريٽو جو اٺون اصول جنهن کي هاڻي تسليم ڪيو ويو ۽ موجود آهي اهو تنوع، برابري ۽ شموليت آهي. ڪوآپريٽو جو خيال آهي ته اسان سڀ کان وڌيڪ مضبوط آهيون، جڏهن گورننس، انتظام ۽ نمائندگي ۾ سڀني کي شامل ڪرڻ لاءِ فعال ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. ڪوآپريٽو سوسائٽيون ٺهڻ شروع

**انهن جا اصل اصول هي هئا:**

1. ميمبر سازي
2. جمهوري ضابطي (هڪ ووٽ، هڪ فرد)
3. واپار جي تناسب کان وڌيڪ تقسيم.
4. سرمائي تي محدود وياج جي ادائيگي.
5. سياسي ۽ مذهبي غيرجانبداري.

ان کان پوءِ وقت سان گڏو گڏ 8 اصول تيار ٿيا ۽ انهن کي قبول ڪيو ويو.

**ست (07) ڪوآپريٽو**

1. رضاڪاراڻي ۽ عام ميمبرشپ.
2. ضابطہ براءِ ڊيمو ڪريٽڪ ميمبر.
3. ميمبرن جي اقتصادي شرڪت.
4. خودمختياري ۽ آزادي.
5. تعليم، تربيت ۽ معلومات.
6. ڪوآپريٽو جي درميان سهڪار.
7. ڪميونٽ جي لاءِ ڳڻتي.

ڪوآپريٽو جو اٺون اصول جنهن کي هاڻي تسليم ڪيو ويو ۽ موجود آهي اهو تنوع، برابري ۽ شموليت آهي. ڪوآپريٽو جو خيال آهي ته اسان سڀ کان وڌيڪ مضبوط آهيون، جڏهن گورننس، انتظام ۽ نمائندگي ۾ سڀني کي شامل ڪرڻ لاءِ فعال ڪوشش ڪئي وڃي ٿي.

## اندريان صفحا


پاڪستان ۾ سبز عمارتون .... P-06
لچڪدار پاڙون.... P-08
هڪ مهم جوئي پاران گلگت .... P-09
هڪ شهري جو ڪيس .... P-13
ڪراچي جو ٽيڪس سانحو.... P-16
ڪاڌي وسيلي انسان جي .... P-18
پاڪستان ۾ مادري بولين.... P-21
پاڪستان جا نوجوان .... P-23

## شهري

R-88، بلاڪ 2، پي اِي سي ايچ ايس،
ڪراچي 75400، پاڪستان

ٽيليفون/فيڪس: 46 06 53 34-21-92+
E-mail: info@shehri.org
Url: www.shehri.org

ادارتي مشاورت: شهري-سي بي اي ٽيم

### انتظامي ڪميٽي:

چيئرپرسن: سليقہ انور
وائس چيئرمين: سمير حامد ڊودهي
جنرل سيڪريٽري: امبر علي ڀائي
خزانچي: عامره جاويد
ميمبر: انجينئر پرويز صادق
زوهيب زوبي ۽
حوا فضل

### شهري اسٽاف:

ڪوآرڊينيٽر: سرور خالد
اسسٽنٽ ڪوآرڊينيٽر: محمد ريحان اشرف
اڪائونٽ ڪنسلٽنٽ: عرفان شاهہ
آفيس ميمبر: خورشيد احمد

### باني ميمبر:

مسٽر خالد ندوي، بيريسٽر قاضي فائز عيسيٰ، حميرا رحمان، دانش آذر زوبي، نويد حسين، بيريسٽر زين شيخ ۽ قيصر بنگالي

### قلمڪارن لاءِ هدايتون:

اوهان پڻ ”شهري“ لاءِ لکي سگهو ٿا. هن سلسلي ۾ معلومات لاءِ ”شهري“ جي آفيس سان رابطو قائم ڪريو. ايڊيٽر/ادارتي عملي جو هن خبر نامي ۾ شايع ٿيڻ وارن مضمونن سان متفق هئڻ ضروري نہ آهي.

Production:
SAUDAGAR ENTERPRISES
Web: www.saudagar.com.pk
Ph: 021-34152970
Cell: 0333-2276331

مالي تعاون: فريڊرڪ نومان فائونڊيشن

ٿيون. ڪجهہ مشهور ڪوآپريٽيو سوسائٽيون، جن جي ڪم اسان جي سماج جي جوڙجڪ ۾ مدد ڪئي آهي. پرورش وارا _ ڪوآپريٽو سوسائيٽي، پوئٽي پيل ڏرين جي وچ ۾ هڪ تمام ضروري رابطو قائم ڪيو. ”نمائندگي ڪوآپريٽو موومينٽ جو هڪ بنيادي پاسو بڻجي ويو“.

1883ع ۾ ايلس آڪليند پاران هڪ ڪوآپريٽو سوسائٽي ”دي وومين ڪوآپريٽو گِلڊ“ جي پليٽ فارم تحت عورتن جي ووٽ جَي حق کي هٿي وٺرائي وئي.

ٻئي مهاڀاري جنگ کان پوءِ وقت گذرڻ سان گڏ ڪيترائي زرعي ڪوآپريٽو قائم ٿيا، جن تحت پهرين ڊيري ۽ پنيرڪوآپريٽو جي ترقي ٿئي، جيڪا اڳتي هلي وڏي ۾ وڏي ٿي وئي. ڪوآپريٽو پاران صارفين جي ڪوآپريٽو قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪئي، انهيءَ شهري حقن جي تحريڪ ۽ نامياتي ڪاڏي جي صنعت واري ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ڊيري ڪوآپريٽو زرعي ڪوآپريٽو ۾ پهريون قسم هو ۽ هارين جي سمورن ملڪن ۾ ڊيري مصنوعات کي ڪاميابي سان وڪرو ڪرڻ لاءِ انهيءَ ڪوآپريٽو تي دارومدار رکيو آهي.

رابرٽ اوون سماج سڌارڪ (پيدائش 1771 کان وفات 1858) کي ڪوآپريٽو تحريڪ جو روحاني والد طور سڃاتو وڃي ٿو.

اسان ذڪر ڪيو آهي تہ ڪوآپريٽو مووومينٽ باضابطہ طور تي هندستان ۾ آزاديءَ کان اڳ شروع ٿي هئي، جنهن کي اڳتي هلي پاڪستان ۾ 1947ع کان پوءِ مرحلي تحت تقسيم ڪري سگهجي ٿو.

❖ 1904 کان 1911 تائين شروعاتي مرحلو، جڏهن 1904ع ۾ پهريون ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ منظور ڪيو ويو. جنهن ۾ هندستان، بنگلاديش ۽ برما انفرادي طور شامل هئا.

❖ ترميمي مرحلو (1912ع _ 1918ع).
جڏهن 1912ع ۾ آل انڊيا ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ پاس ڪيو ويو هو.

❊ توسيع وارو مرحلو (1919 کان 1929ع)
جڏهن ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ 1925 نافذ ڪيو ويو هو.

آزاديءَ کان اڳ هندستان ۾ ڪوآپريٽو تحريڪ کي انگريزن پاران بنيادي طور تي ننڍي پيماني تي هارين کي ڳوٺاڻي قرض تائين پهچڻ ۽ بهتر ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ متعارف ڪرايو هو. اهو هندستان جي انهن حصن ۾ قائم ڪيو ويو جيڪي بمبئي پريزيڊنسيءَ جو حصو هئا جنهن ۾ موجوده گجرات جي رياست، مهاراشٽرا رياست جو الهندو ڀ پاڱي ٿي حصو جنهن ۾ ڪانڪن، ديش، کنديش ۽ اتر_اولهہ ڪرناٽڪ رياست شامل آهن. ان وقت پاڪستان جو سنڌ صوبو ۽ يمن ۾ برطانوي علائقو عدن بہ هندستان ۾ شامل هو. اهو جزوي طور ضلعن تي مشتمل هوندو هو، جيڪو سڌو سنئون برطانوي راڄ هيٺ هو ۽ جزوي طور مقامي يا شاهي رياستن تي مشتمل هو، جنهن تي گورنر جي زير انتظام مقامي حڪمراني قائم ٿيل هئي.

پهريون ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ 1904ع ۾ نافذ ڪيو ويو، جنهن ۾ صرف ڪريڊٽ ڪوآپريٽو شامل هو. 1912 ۽ 1919 جي وچ ۾ ايڪٽ ۾ جلدي ترميم ڪئي وئي تہ جيئن غير ڪريڊٽ ڪوآپريٽو جي رياستي سطح تي رجسٽريشن ڪري سگهجي سيمت هائوسنگ ۽ ان جي انتظام تحت مقامي ضرورتن کي اوليت ڏيڻ لاءِ قانون سازي ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي.

20 صدي جي شروعات ۾ ڪوآپريٽو هائوسنگ تحريڪ ڪوآپريٽو سوسائٽين تحت ترقي جو هڪ مرحلو شروع ٿيو. بنگلور بلڊنگ ڪوآپريٽو سوسائٽي، انڊيا جو پهريون هائوسنگ ڪوآپريٽو 1909ع ۾ رياست ڪرناٽڪ (اڳوڻي ميسور) ۾ قائم ٿيو. 1913ع ۾ مهاراشٽر رياست (اڳوڻي بمبئي رياست) پاران هڪ غير سرڪاري ادارو بمبئي ۾ قائم ڪيو ويو.

قائم ٿيو. 1913ع ۾ مهاراشٽر رياست (اڳوڻي بمبئي رياست) پاران هڪ غير سرڪاري ادارو بمبئي ۾ قائم ڪيو ويو.

ڪوآپريٽو هائوسنگ ايسوسيئيشن، جنهن ڪوآپريٽو هائوسنگ جي واڌاري جي شروعات ڪئي. ڪيترن ئي سنگ ميلن جي وچ ۾ انجمن ڪيترن ئي هائوسنگ

ڪوآپريٽو جي تنظيم ۾ استعمال ٿيل ماڊل جي ضابطن جي وضاحت ڪئي. اهو پهريون ادارو هو جنهن ڪي رياست طرفان هائوسنگ ڪوآپريٽو معاملن ۾ مالي مدد ملي فراهم ٿي. استعمال ٿيندڙ ضمني قانونن جي وضاحت ڪئي. هي هائوسنگ ڪوآپريٽو وارن معاملن ۾ رياست جي مالي طور تي پائيواري حاصل ڪرڻ وارو پهريون ادارو هو

**ڪوآپريٽو جا قسم:**

1. **پروڊيوسر/مارڪيٽنگ ڪوآپريٽو:** پروڊيوسر ڪوآپريٽو سوسائٽيون ماڻهن جون مصنوعي رضاڪار تنظيمون آهن جيڪي گڏجي ڪم ڪن ٿيون ته جيئن نندي پيداوار فراهم ڪندڙن جي مفادن جي حفاظت ڪري سگهجي. زرعي ڪوآپريٽو ڪاروباري شين، سامان ۽ شيون مناسب قيمتن تي دستياب ڪري. فارم جو سامان، ٻج ساموندي اسپري، دي بلو بيري پيپل، آرگنڪ ويلي، ڪيو آرٽسٽ ڪوآپريٽو جي سهڪار سان خريد ڪري سگهجي.

2. **ڪنزيومر ڪوآپريٽو:** بنيادي مقصد روزاني استعمال جون شيون گهٽ تناسب تحت مهيا ڪرڻ آهي ته جيئن ڪريڊٽ يونين، يوٽيلٽي ڪارپوريشن، اليڪٽرڪ ڪارپوريشن وغيره شامل آهن.

3. **ورڪر ڪوآپريٽو:** هڪ ورڪر ڪوآپريٽو هڪ ڪوآپريٽو آهي جنهن جي مالڪي ڪئي وڃي ٿي ۽ جنهن جو انتظام ان جا ڪارڪنن پاڻ ڪن ٿا. هن ضابطي جو مقصد هڪ فرم ٿي سگهي ٿو، جتي هر ڪم ڪندڙ مالڪ جمهوري طريقي سان فيصلو ڪرڻ ۾ حصو وٺي سگهي ٿو. يا انهي جو حوالو ڏئي سگهي ٿو جنهن ۾ انتظام هر مزدور پاران ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ هر هڪ ڪي هڪ ووٽ حاصل آهي، جهڙوڪ: بيڪريون، پرچون اسٽور، سافٽ ويئر ڊولپمينٽ گروپ ۽ زراعت شامل آهن.

4. **هائوسنگ ڪوآپريٽو:** خاص طور تي گهٽ ۽ وچين آمدني وارن گروپن ڪي بهتر ۽ سستا گهر مهيا ڪرڻ جو ارادو ڪيو ويو آهي جيڪي ٻي صورت ۾ انفرادي ڪوششن ذريعي گهر نه ٿا ڏئي سگهن.

ڪوآپريٽو هڪ اپارٽمينٽ ڪمپليڪس ٿي سگهي ٿو، هڪ خاندان جي گهرن جو پاڙيسڙي، موبائل گهر پارڪ يا شاگردن جي رهائش. جڳهه جي لحاظ کان ڪوآپريٽو هائوسنگ جا رهواسي سستي، مالي استحڪام ۽ اجتماعي ملڪيت مان مزو حاصل ڪن ٿا، اهڙيءَ طرح سان سڀ کان وڏي ڪوآپريٽو هائوسنگ اسڪيم آهي.

برونڪس، نيو يارڪ ۾ 55,000 ماڻهن جي "ڪوآپريٽو شهر" سان دنيا ۾ ترقي.

**هائوسنگ ڪوآپريٽو جا قسم:**

الف) ٽيننٽ اونرشپ هائوسنگ سوسائٽيز: زمين يا ته ليز هولڊ تي رکيل آهي يا سوسائٽين پاران فري هولڊ تي رکيل آهي. ميمبر پنهنجن گهرن جا مالڪ هوندا آهن ۽ زمين جا ٽپيدار آهن. انهن ڪي گهرن جي هيٺئين ورهاست ۽ منتقلي جي حوالي سان ضابطن تي سختي سان عمل ڪرڻ گهرجي، پر اهي پنهنجي ضرورتن ۽ ذوق مطابق پنهنجا گهر ٺاهي سگهن ٿا. جهڙوڪ پاڪستان ايمپلائيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي (PECHS)، سنڌي مسلم ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي (SMCHS) وغيره.

ب) ٽيننٽ ڪو پارٽنرشپ هائوسنگ سوسائٽيز: زمين ۽ سوسائٽي جي عمارت ٻنهي تي قبضو ڪيل آهي، يا ته ليز هولڊ يا فري هولڊ جي بنياد تي رکيل آهي ۽ ميمبر ابتدائي قسط ۽ مهيني جي مسواڙ جي ادائيگي تحت قبضي جو حق ڪين حاصل آهي.

**هائوسنگ ڪوآپريٽو لاءِ سوسائٽي سپورٽ سسٽم جا قسم:**

ج) هائوسنگ مارگيج سوسائٽيز: اهي ڪريڊٽ سوسائٽين وانگر آهن جيڪي پنهنجن ميمبرن ڪي گهرن جي تعمير لاء قرض فراهم ڪن ٿيون. بهرحال، تعميراتي انتظام ميمبر جي ذميواري آهي.

د) گهريلو تعميراتي سوسائٽيون يا هائوس بلڊنگ سوسائٽيون: اهي ميمبرن جي طرفان گهر ٺاهي رهيا آهن، ۽ پيسن جي ادائيگي مڪمل ٿيڻ تي انهن جي حوالي ڪيا ويندا ۽ رقم قرضن وسيلي خرچ ڪئي وڃي ٿي.

5. **فنانشل ڪوآپريٽو:** هڪ قسم جو مالياتي ادارو جيڪو پنهنجي ميمبرن جي ملڪيت هوندي آهي ۽ ڪم ڪري ٿو، هڪ مالي سهڪار جو مقصد روايتي بئنڪنگ جون خدمتون پيش ڪرڻ لاءِ هڪ متحد گروپ طور ڪم ڪري ٿو.

6. **نئون نسل ڪوآپريٽو:** زراعت، ٻيلن، ماهيگيري ۽ ٻين صنعتن ۾ هڪ اڀرندڙ رجحان جي نمائندگي ڪري ٿو، جيڪي پيدا ڪندڙ مهيا ڪندڙ آهن. اهي مختلف قسم جا ڪوآپريٽو آهن جيڪي ميمبرن ڪي خام مال تي ڪم ڪرڻ جي قابل بڻائڻ لاءِ ٺاهيا ويا آهن.

7. **ملٽي اسٽيڪ هولڊر ڪوآپريٽو:** ملٽي اسٽيڪ هولڊر ڪوآپريٽو اهي ڪوآپريٽو آهن جيڪي هڪ کان وڌيڪ قسم جي ميمبر واري جهڙوڪ تحت صارفين، پروڊيوسرز، مزدورن، رضاڪارن يا ڪميونٽي سپورٽرز پاران ڪنٽرول ڪيا ويندا آهن ۽ هڪ بورڊ برابر طور تي ڪارڪنن ۽ صارفين جي وچ ۾ تقسيم ٿيل هوندو آهي.

8. **غير منافع بخش ڪميونٽي سروس ڪوآپريٽو:** غير منافع بخش ڪميونٽي سروس ڪوآپريٽو ڪميونٽي ڪي غير منافع بخش بنيادن تي خدمتون مهيا ڪن ٿيون، مثال طور ٻارن جي سنڀال جا مرڪز جيڪي والدين جي ملڪيت آهن ۽ انهن سينٽرن ڪي استعمال ڪندي هلائي رهيا آهن.

ڪراچي ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ ڪوآپريٽو هائوسنگ تحريڪ ڪي سمجهڻ لاءِ ڪوآپريٽو جي تاريخ جو تعارف ضروري آهي.

جيئن تہ اسان جو ڌيان ڪراچي ۾ قائم هائوسنگ ڪوآپريٽو سوسائٽين تي آهي، ان ڪري اسان انهن تي بحث ڪنداسين. ڊسمبر 1950ع ۾ گزيٽ آف پاڪستان جي ابتدائي رڪارڊ موجب آفيس آف دي رجسٽرار، ڪوآپريٽو سوسائٽيز، ڪراچي، 27 نومبر 1950ع ۾ چند هائوسنگ سوسائٽين جا نالا جيڪي اجا تائين موجود آهن، اهي سيئي بمبئي ڪمپني تحت سوسائٽيز ايڪٽ 1925 تحت هلائيندڙ رجسٽرڊ ٿيل هئا:

| رجسٽريشن نمبر | رجسٽريشن جي تاريخ | سوسائٽي جو نالو | ايڊريس |
|---|---|---|---|
| | 11.02.1944 | سنڌ مسلم ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي لميٽيڊ. | لڳ لي مارڪيٽ، امبيڪمنٽ روڊ، ڪراچي. |
| ايس478 | 05.02.1947 | خداآبادي امل ٽائون ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي لميٽيڊ. | مسٽر مولچند ڪرپالاڻي، حيدرآبادي امل پنچائت هال، برنس روڊ، ڪراچي. |
| ايس481 | 03.03.1947 | ڪڇي ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي لميٽيڊ. | فيروز شاهہ اسٽريٽ، ميمڻ محلو، رام با غ، ڪراچي |
| ايس484 | 06.03.1947 | بمبئي ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي لميٽيڊ. | معرفت اي. جي مرزا اصغر، هارون چيمبرز، سائوٿ نپئر روڊ، ڪراچي. |
| ايس497 | 22.09.1947 | دهلي مرسنٽائل مسلمس ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي لميٽيڊ. | معرفت مسٽراو. ايم مارٽن اسسٽنٽ نيشنل سيونگس آفيس، بلاڪ نمبر 48، پاڪ سيڪريٽريٽ، ڪراچي |
| ايس500 | 23.12.1947 | پاڪستان ايمپلائيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي لميٽيڊ. | آڊيٽر جنرل آفيس، 243 اسٽاف لائنز، ڪراچي. |
| ايس501 | 22.01.1978 | يو. پي مسلم ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي لميٽيڊ. | 3/735، الفنسٽون اسٽريٽ، ڪراچي |
| ايس503 | 22.03.1998 | اسمائيليہ گارڊن ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي لميٽيڊ. | معرفت ڪي، جي. نوٽا ـ دي پوليٽيڪل سرونٽس اينڊ جي.اي. محڪمو، سنڌ سيڪريٽريٽ 7، نيئير بيريڪس، ڪراچي |
| ايس506 | 30.03.1948 | پير الاهي بخش ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي لميٽيڊ. | 7 لال چند هسومل روڊ، پارسي ڪالوني، بندر روڊ، ايڪسٽينشن، ڪراچي. |
| ايس515 | 12.05.1948 | ڪراچي ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي لميٽيڊ. | 217، پرنسز اسٽريٽ |
| ايس517 | 03.06.1948 | بهار مسلم ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي لميٽيڊ. | 19، کهرٽ چمبرز، سامهون سٽي ڪورٽ، وادمائي اڏيرام روڊ، ڪراچي. |
| ايس525 | 16.09.1984 | دهلي ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي لميٽيڊ. | 69، فوربيس اينڊ ڪيمپبل بلڊنگ، ڊونولي روڊ، ڪراچي. |

سنڌ هاءِ ڪورٽ M.A.69/2022 ميرٽ ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي لميٽيڊ (اپيلنٽ) بخلاف ڪيس ۾ 2023ع تائين تيزي سان اڳتي رهي. شاهد اختر قريشي ۽ ٻين (جوابدارن) خلاف جسٽس صلاح الدين پنهور پاران هيٺ ڏنل رمارڪس ڏنا، جنهن ۾ ايميڪس عباد الحسنين، مزمل حسين جلباڻي، آڪاش گهاني، محمد حنيف سمي، محترمہ ساره ملڪاڻي ۽ محترمہ سائره شيخ ايڊووڪيٽ ميشرز پاران ڀرپور مدد ڪئي.

جسٽس پنهور پاان پنهنجو فيصلو ٻڌايو تہ: ”سموري قانون سازي جي تاريخ واضع ڪري ٿي تہ ڪوآپريٽو سوسائٽين جو مقصد زرعي معاشرن جي مدد ڪرڻ ۽ غريب ماڻهن ۽ پنتي پيل طبقن جي بهتري آهي ۽ هي دولت مندن ۽ بااثر فردن جي لاءِ هائوسنگ سوسائٽين جي لاءِ نہ هيو، ٻئچ پاران مشاهدو ڪيو ويو تہ هائوسنگ سوسائٽين وارو پاسو جيئن تہ سنڌ حڪومت جو ڪاتي طور سمجهيو ويو آهي“.

هڪڙو ننڍڙو حصو جيڪو اقتصادي سرگرمين ۾ گهٽ آمدني وارين برادرين جي خدمت لاءِ رجسٽر ٿيڻ جي لائق آهي.

هن سنڌ جي چيف سيڪريٽري ڪي هدايت ڪئي تہ مشهور معاشي ماهرن، زراعت جي ماهرن، مخير حضرات، بينڪرن ۽ ترقياتي شعبي جي نمائندن تي ٻڌل هڪ اعليٰ سطحي ڪميٽي جوڙي وڃي تہ جيئن سنڌ سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ 2020ع تي مڪمل عملدرآمد کي يقيني بڻائي سگهجي.

ايس ايڇ سي پاران صوبائي اختيارين کي اهو به چيو ته اهي سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ 2020 ع تحت جوڙيل ضابطن ۾ ترميم ڪن ته جيئن هارين ۾ ڪفايت شعاري، پنهنجي مدد پاڻ، گڏيل مدد کي هٿي وٺرائڻ جي لاءِ قانون جي بنيادي مقصدن، اسڪيم ۽ معاشي مقصد پورا ٿي سگهن. ننڍن هارين، پورهيتن ۽ عام معاشي ضرورتن سان وارن غريب ماڻهن کي بهتر زندگي گهارڻ، ڪاروبار ڪرڻ ۽ پيداور جي طريقين کي اوليتي طور تي پنجاب کي پهرئين مرحلي ۾ مثال طور متعارف ڪرايو وڃي.

ايس ايڇ سي پاران آرڊر ۾ وڌيڪ چيو ويو ته "سيڪريٽري قانون ڪاتو ان ڳالهه کي يقيني بڻائندو ته ڪوآپريٽو سائيٽيز ايڪٽ 202 ع جي ضابطن کي واضع ڪيو وڃي، جيئن مٿي بحث ڪيو ويو آهي".

بدقسمتيءَ سان سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ 2020 ع تي نظروجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته اهو ناقص آهي، اهو ڪوآپريٽو تحريڪ جي مقصدن جي خلاف آهي. هن ڪوآپريٽو تحريڪ جي ابتدا ۽ ان جي اخلاقيات کي مڪمل طور تي غلط سمجهيو آهي. اهو حقيقي طور تي ڪوآپريٽو جي نمائندگي نٿو ڪري، جيڪي ماڻهن تي مبني ادارا آهن. ڪوآپريٽو جي ريگيوليٽري اٿارٽي ڪوآپريٽو جي معاملن ۾ اهڙي ڳالهه ڪرڻ، تعليم ڏيڻ ۽ ان جي مناسب طريقي سان ڪرن ۾ قصوروار آهي.

سنڌ ۾ ڪراچي شهر ۾ ڪوآپريٽو هائوسنگ سيڪشن اسان جي سامهون آهي، اهو ناقص، ڪمزور ۽ ڪرپٽ آهي. ڪيترن ئي ماڻهن کي انهن ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ لاءِ ٺڳيو ويو آهي.

دريافت ڪيو ته انهن گندگي ۾ سيڙپڪاري ڪئي آهي. پراڻيون ڪوآپريٽو سوسائٽيون غير شفافيت، ڪرپشن، نون مالڪن کي شيئر کي شيئر نه ڏيڻ واري ڏوهه ۾ ملوث آهن، جهڙوڪ پي اِي سي ايڇ ايس شڪايتن باوجود ڪين ڪوبه رليف ناهي مليو. جڏهن 2003 ۾ زمين جي استعمال جي پاليسي کي تبديل ڪيو ويو ته ڪابه ڪوآپريٽو سوسائٽي انهيءَ ناقص پاليسي جي خلاف آواز نه اٿاريو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترن ئي ڪيسن ۾ ميمبرن لاءِ ماحولياتي خرابي پيدا ٿي هئي. پي اِي سي ايس ايڇ ۾ ڇه (06) روڊ آهن، SMCHS وٽ ٽي (03) آهن. اسان انهن پراڻن سماجن جو ذڪر ان ڪري ڪريون ٿا جو انهن جي خرابي ظاهر ٿي رهي آهي. جمشيد ٽائون جي پراڻي ڪيٿولڪ ڪالوني 1 ۽ 2 ۾ فليٽ سائيٽ بڻجي وئي آهي، هرهڪ پلاٽ تي سوسائٽي پاران پنهنجي ضابطن جي پچڪڙي تحت ناهيو ويو آهي، گهڻا ڪوآپريٽو سوسائٽين جا عهديدار پنهنجن ئي ضابطن تي عمل نه ٿا ڪن. ڪوئيٽا ٽائون ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي، اسڪيم 33 گڏاپ ٽائون پنهجن ميمبرن جي پلاٽ تي قبضو ڪرڻ، حدخلين جي اجازت ڏيڻ ۽ ميمبرن کي ڪوڙو ڪيسن ۽ جهڳڙن ۾ ڏڪڻ لاءِ ٽيندڙ سازشون هڪ مثال بڻيل آهن.

مزارِ قائد جي سامهون ڪاسموپوليٽن ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي پاران باباءِ قوم جي مزار جي اوچائي سان لاڳاپيل پابندي واري قانون جي شق 1.10.2_25 جي پچڪڙي ڪندي ڏوهه ڪيو آهي. ڪراچي بلڊنگ ايند ٽائون پلاننگ ريگيوليشنز 2002ع مطابق "مزار قائداعظم واري علائقي ۾ عمارت جي ويڪر 3 /4 ميل (1.2 ڪلوميٽر) جي دائري ۾ ايم ايس ايل_ 91 (27.72 ايم) فوٽ جي پوڊيم ليول کان وڌيڪ نه هوندي".

ايس ايم سي ايڇ ايس تازوئي پنهنجي ضمني قانون کي تبديل ڪيو آهي، انهيءَ ضمني قانونن کي تبديل ڪندڙ ميمبرن جو انگ 418 آهي، پر پران جي تجويز ڪيل ضمني قانون ۾ هڪ نئون سيڪشن 33 شامل ڪيو ويو آهي ته جيئن 20 ميمبرن کي ساليانی جنرل اجلاس يا ايڪسٽرا آرڊينري ميٽنگ ۾ ڪنهن به معاملي بابت فيصولي ڪرڻ جي اجازت ڏنل هجي. (ڪيترائي ٻيا حصا پڻ تبديل ڪيا ويا آهن).

- ❖ سڀني رجسٽرڊ ڪوآپريٽو سوسائٽين جي ضابطن کي جانچڻ گهرجي ۽ ڪوآپريٽو جي حقيقي روح تحت ان کي اپڊيٽ ڪيو وڃي.
- ❖ سڀئي نوان ميمبر، ناهيل ميمبر ۽ شيئرز جاري ڪيا وڃن.
- ❖ شفافيت ۽ معلومات جي حق کي ضروري قرار ڏنو وڃي.
- ❖ ڊيجيٽل آگاهي واري ڏينهن تي ريگيوليٽري اٿارٽي کي سڀني سوسائٽين کي پنهنجي ويب سائيٽ تي اپ ڊيٽ ڪرڻ گهرجي ۽ سموريون چونڊون، اڪائونٽس، زمين جي استعمال جي تبديلي، تي هر سوسائٽي جي ميٽنگ منٽس، باءِ لاز، ماسٽر پلان کي برقرار رکڻ گهرجي.
- ❖ سڀني معاشرن جي ماليات جي نگراني ڪريو.
- ❖ سوسائٽي جي پنهنجن ميمبرن وسيلي داخل ڪيل سڀني ڪيسن کي اپڊيٽ ڪريو.

ڪوآپريٽو سوسائٽيون هن وقت پنهنجن ميمبرن کي گمراهه ڪري رهيون آهن ۽ ڪوآپريٽو جي اخلاقيات جو غلط استعمال ڪري رهيون آهن، تنهنڪري ان حوالي سان اڃا گهڻو ڪم ڪرڻو آهي.

## Legislative History of Cooperative Laws

| | |
|---|---|
| 1904 | First Cooperative Societies Act was adopted. |
| 1909 | First housing cooperative, Bangalore Building Cooperative Society, was founded in the State of Mysore. |
| 1912 | In 1912, an All India Cooperative Societies Act was passed. |
| 1913 | Bombay Cooperative Housing Association was founded. |
| 1914 | Sir Edward Maclagan Committee formed to review the position and to suggest a development plan for the movement in 1914. |
| 1919 | Cooperative Societies Act was further amended to allow the registered societies (both credit and non-credit, to adopt the legislation to prioritize local needs. |
| 1925 | The Cooperative Societies Act, 1925 enacted. |
| 1945 | R.G. Saraiya Committee formed. |
| Post 1947 | |
| 1952 | The Punjab Government appointed a Cooperative Inquiry Committee in 1952 to review the position of the Cooperative movement. |
| 1962 | The Cooperative Development Board established. |
| 1966 | The Cooperative Board was abolished. |
| 1972 | The Cooperative Societies Reforms Order was issued. |
| 1976 | The Federal Bank of Cooperative (FBC) was established. |
| 2020 | The Sindh Cooperative Societies Act enacted. |
| 2020 | The Sindh Cooperative Societies Rules enacted. |

# پاڪستان ۾ سبز عمارتون: پائيدار ترقي لاءِ موقعا پيدا ڪرڻ

ريشمان آفتاب

جيئن ته دنيا آبهوا جي تبديلي ۽ ماحولياتي آلودگي سان لاڳاپيل ڏکيائين کي منهن ڏئي رهي آهي، تيئن ئي سموري دنيا اندر سر سبز عمارتن جي تصور کي وڏي اهميت حاصل ٿي آهي، جنهن جو سبب اهو آهي ته سبز عمارتون ماحول دشمن گيسن جي نيڪال، توانائي، پاڻي جي استعمال کي گهٽ ڪن ٿيون ۽ پائيدار مواد سميت تعميراتي طور طريقن جي اتعمال کي همٿائيندي موسمياتي تبديلين کي گهٽ ڪري سگهن ٿيون. اهو به اهڙي صورتحال ۾ خاص ڪري پاڪستان جهڙي ملڪ لاءِ جتي اهو سچ آهي ته تيزي سان وڌندڙ تعميرات ۽ هائوسنگ وارن شعبي پاران اهڙي عمل ۾ ڪيل واڌ سان موسمياتي تبديلين جي خطري ۾ اضافو ٿي رهيو آهي، جنهن سان سموري زندگي جو اسٽرڪچر تباهه ٿي رهيو آهي، اتي پائيدار ترقي جي راهه ۾ رڪاوٽون پيدا ٿين ٿيون.

**پاڪستان ۾ سرسبز عمارتن سان لاڳاپيل ڪيس**

گلوبل ڪلائميٽ رسڪ انڊيڪس موجب پاڪستان هن وقت دنيا جو اٺون سڀ کان وڏيڪ ماحولياتي خطرن وارو ملڪ آهي. اهو ڪيترن ئي ماحولياتي مسئلن جهڙوڪ: تيزي سان آبادي ۾ واڌ، شهري ڪاري، ماحولياتي تباهي، ۽ ميڪرو اقتصادي ڏکيائين جو نتيجو آهي.

شهري آبادي جي لحاظ کان پاڪستان ۾ ڪيترن سالن کان غير معمولي اضافو ڏسڻ ۾ آيو آهي، جنهن تحت تقريبن 242 ملين جي آبادي جو 36 سيڪڙو آبادي هن وقت شهري علائقن ۾ زندگي گهاري رهي آهي. اهي انگ اکر ايندڙ سالن ۾ تيزيءَ سان واڌ واري تناسب تحت گهٽجي واي صورتحال واري پاسي ڏانهن اشارو ڪري رهيا آهي. شهري ڪاري سان گڏو گڏ هوا ۽ پاڻي جي وڌندڙ آلودگي، بجلي جي کوٽ ۽ توانائيءَ جي کوٽ جهڙيون معاشرتي ڏکيائيون هڪ ئي وقت مشڪلاتون پاڪستان ۾ موسمياتي تبديليءَ جي خطرن کي وڌائي رهيون آهن.

تعميراتي شعبو جيڪو پنهنجي وسيلن تي مبني اقتصادي ترقي سان لاڳاپيل طور طريقن وارن لاڙن تحت سڃاتو وڃي ٿو هي شعبو ماحولياتي ڏکيائين ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ آهي، ڇاڪاڻ ته اهو گهريلو ۽ صنعتي شعبن ۾ توانائي جي استعمال جي بلند ترين سطح تي پيدا ڪري ٿو. ملڪ جي رهائشي عمارتن سان لاڳاپيل هائوسنگ مارڪيٽ جو تناسب 79 سيڪڙو آهي، جڏهن ته 21 سيڪڙو ڪمرشل عمارتن ۽ گودامن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ 16.3 سيڪڙو جي تناسب سان واڌ ٿي رهي آهي، اهڙي طرح توانائي جي کپت وارن طريقن جو تيزي سان وڌڻ جا امڪان موجود آهن.

**سرسبز عمارتون: پاڪستان ۾ آءِ ايف سي لاءِ هڪ ايندڙ حڪمت عملي**

بين الاقوامي مالياتي ڪارپوريشن (IFC)، جيڪو ورلڊ بئنڪ گروپ جو هڪ ميمبر آهي، اهو ايندڙ مارڪيٽن ۾ نجي شعبي تي ڌيان ڏيندڙ سڀ کان وڏو عالمي ترقياتي دارو آهي. پاڪستان پاڪستان ۾ آءِ ايف سي جي بنيادي حڪمت عملين مان هڪ اها آهي ته گهٽ ڪاربن اقتصادي ترقي سميت تعميرات ۽ رهائشي شعبي کي هٿي وٺرائڻ آهي.

سبز عمارتن کي عالمي سطح تي هڪ اهم آبهوا جي مداخلت طور سڃاتو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته اهي پيدا ٿيندڙ توانائي جو 33 سيڪڙو پاڻي جي ڪل استعمال جو 40 سيڪڙو ۽ گرين هائوس گيسن (جي ايچ جي) جو 18 سيڪڙو حصو شامل ڪن ٿيون.

'پاڪستان جهڙن ايندڙ ملڪن ۾ ريئل اسٽيٽ کي گهٽ ڪاربن ترقي کي سولو بڻائڻ لاءِ آءِ ايف سي پاران اي ڊي جي اي گرين بلڊنگ ريٽنگ ۽ سرٽيفڪيشن سسٽم تيار ڪيو آهي، جيڪو www.edgebuildings.com تي مفت آن لائن (https:// www.ifc/org/en/ insights_reports/2023/building_ green_in_emerging_markets) موجود آهي. اي ڊي جي اي سافٽ ويئر عمارت جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ سميت ان جو مقامي بيس لائن سان مقابلو ڪرڻ سان لاڳاپيل هڪ تيز طريقو مهيا ڪري ٿو. اي ڊي جي اي سرٽيفڪيشن جيڪو هاڻي عالمي سطح تي سڀ کان تيز ترين گرين بلڊنگ سرٽيفڪيشن سسٽم آهي، جيڪو مارڪيٽنگ ۽ موسمياتي فنانس تائين رسائي ۾ اضافي جو هڪ سولو طريقو مهيا ڪري ٿو.

انٽرنيشنل فنانس ڪارپوريشن (IFC) پاران تازو هڪ رپورٽ جاري ڪئي آهي جنهن جو عنوان آهي: سبز عمارتون: ايندڙ مارڪيٽن ۾ پائيدار تعمير رپورٽ ۾ واضع ڪيو ويو آهي ته جيڪڏهن توانائي جي بچت جي لاءِ تجويز ڪيل قدم کنيا وڃن ته 2022ع ۽ 2035ع جي وچ ۾ هر سال تعمياتي ويليو چينز کي گريننگ ڪرڻ جي ٽوٽل لاڳت عاملي جي ڊي پي جو رڳو 0.03 سيڪڙو پوائنٽس برابر هوندو، عالمي سيڙپڪاري جي ضرورتن جي لاڳت 3.5 ٽريلين ڊالر آهي، جنهن مان 1.5 ٽريلين ڊالر ايندڙ مارڪيٽن لاءِ آهي. ٻئي پاسي پاڪستان ۾ گرين بلڊنگ مارڪيٽ جي

وڌڻ ۽ 2030ع تائين ان جي ماليت 5.5 بلين آمريڪي ڊالرن ٽيڻ جي اڳڪتي وئي وئي آهي. (ورلڊ بئنڪ گروپ. ڪنٽري ڪلائمينٽ ڊولپمنيٽ رپورٽ 2022).

**توانائي ۽ گهٽ ڪاربان فوٽ پرنٽ جي ڪارڪردگي**

پاڪستان ۾ گرين عمارتون مختلف ڊيزائن عناصر ۽ ٽيڪنالاجي کي شامل ڪري توانائي جي ڪارڪردگيءَ کي اوليت ڏئي سگهن ٿيون. انهن ۾ اثرائو شمسي پينل، توانائي جي بچت واري روشني ۽ سمارٽ بلڊنگ مينيجمينٽ سسٽم آمل آهن. توانائي جي استعمال کي گهٽائڻ سان، سر سبز عمارتون ڪاربن کي نيڪال ڪرڻ واري صلاحيت کي خاص طور تي گهٽائينديون آهن، جيڪي پاڪستان کي موسمياتي تبديلي جي خاتمي وارن مقصدن ۾ اڳڀرائي ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿيون.

**پاڻي جو انتظام ۽ تحفظ**

پاڪستان جي ڪيترن ئي حصن ۾ پاڻي جي کوٽ هڪ وڏو مسئلو آهي. سبز عمارتون هن چيلينج کي پاڻي جي بچاءُ وارن قدمن ذريعي حل ڪن ٿيون، جهڙوڪ: مينهن جو پاڻي کي ذخيرو ڪرڻ، گري واٽر ريسائڪلنگ ۽ گهٽ وهڪري وسيلي اهڙين ڏڪيائين سان منهن ڏئي سگهجي ٿو. انهن قدمن سان نہ رڳو پاڻي جو استعمال گهٽجي ٿو پر ملڪ جي آبي وسيلن تي دٻاءُ بہ گهٽ ٿئي ٿو.

**پائيدار مواد ۽ گندگي واري انتظام کي هٿي وٺرائڻ**

پاڪستان ۾ گرين عمارتون پائيدار مواد جي استعمال تي زور ڏين ٿيون، جهڙوڪ ري سائيڪل ٿيل يا مقامي طور تي استعمال ڪيل مواد، جيڪي تعمير جي ماحولياتي اثر کي گهٽ ڪري ٿو. وڌيڪ اهو تہ، عمارتون گندي واري انتظام جي حڪمت عملي کي شامل ڪن ٿيون، جن ۾ گندگي جي ريسائڪلنگ ۽ ڪمپوسٽنگ شامل آهي، گندي واري پيداوار کي گهٽائڻ ۽ سرڪلر معيشت کي هٿي وٺرائڻ آهي.

**حڪومت پاران ڪارروايون ڪرڻ**

پاڪستان 2030ع تائين پنهنجي سراسري نيڪال کي 15 سيڪڙو تائين غير مشروط طور تي گهٽائڻ جو ارادو ڪيو آهي، جڏهن تہ 35 سيڪڙو اضافي گهٽتائي جو ارادو پڻ ڪيو ويو آهي، جيڪو موسمياتي عمل جي موجودگيءِ سان مشروط آهي. اهو جزوي طور تي مڪمل ڪيو ويندو.

(الف) قابل تجديد توانائي جي توسيع (RE):

(ب) گريننگ ٽرانسپورٽيشن (2030) تائين پاڪستان ۾ سڀني قسمن جي وڪرو ٿيندڙ سڀني نئين گاڏين جو 30 سيڪڙو EVsهجڻ گهرجي)؛ ۽

(ج) ڪوئلي تي انحصار کي گهٽائڻ. ان کان سواءِ 2021ع ۾ نيشنل ايڪشن پلان سڀني شعبن ۾ ڊيڪاربنائيزيشن کي مرڪزي هدايتن تحت آڻڻ وارن واعدن کي ورجائڻ آهي.

ان ڪري پاڪستان پنهنجي ارادي جو اظهار ڪيو آهي تہ توانائيءَ جي ڪارڪردگيءَ کي جلد کان جلد حاصل ڪرڻ، خاص طور تي ماحولياتي وسيلن جي تحفظ، گرين هائوس گيس جي اخراج ۾ گهٽتائي توڙي "قومي موسمياتي تبديليءَ واري پاليسي" ۾ ان جي شموليت وسيلي ان کي فعال ڪندي پائيدار تعميراتي عمل کي حاصل ڪرڻ آهي.

ترقياتي حدف 11 (پائيدار شهر ۽ ڪميونٽي)، ۽ 'پائيدار عمارتن ۽ تعمير تي اقوام متحده جو وائي ايف پي 10 پروگرام'.

**ڏکيائيون ۽ اڳتي وڌڻ وارا طريقا**

جيئن تہ پاڪستان ۾ سبز عمارتن جي تحريڪ زور وٺي رهي آهي، ڪيترن ئي چئلينجن کي منهن ڏيڻ جي ضرورت آهي. انهن ۾ گرين بلڊنگ جي تصورن سان لاڳاپيل محدود آگاهي ۽ سمجهڻ، اڳ ۾ ئي وڏي لاڳت جي باري ۾ غلط فهميون ۽ هنرمند پيشي ور ماڻهن جي کوٽ شامل آهي. انهن ڏکيائين تي ضابطو آڻڻ جي لاءِ تعليم ۽ تربيتي پروگرامن ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ، پائيدار تعميرات ۾ تحقيق ۽ ترقي کي هٿي وٺرائڻ، ۽ سبز عمارتن جي ڊگهي مدي وارن فائدن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ آگاهي مهم هلائڻ تمام گهڻو ضروري آهي.

گرين عمارتون نہ رڳو پاڪستان ۾ هڪ رجحان آهي، پر انهن ملڪن ۾ پائيدار ترقي کي وڌائڻ جي ضرورت آهي جيڪي موسمياتي تبديليءَ کان تمام گهڻو متاثرٿيندڙ آهن. توانائي جي استعمال کي گهٽائڻ، پاڻي کي بچائڻ، اندروني هوا جي معيار کي بهتر ڪرڻ ۽ پائيدار مواد کي فروغ ڏيڻ سان، اهي عمارتون تعميراتي صنعت کي تبديل ڪري رهيون آهن ۽ هڪ سبز مستقبل ۾ حصو وٺي رهيون آهن.

خاص طور تي اي ڊي جي اي پروگرام (https://edgebuildings.com/) ان ڳالهہ جو هڪ بهترين مثال آهي تہ ڪهڙي طرح سان پاڪستان جهڙو ملڪ نون معيارن، فنانس مڪينزم کي هٿي وٺرائڻ سميت سبز عمارتن جي لاءِ ضابطن کي فعال ڪندي مارڪيٽ ۾ سبز عمارتن جي تعمير ڪري سگهجي ٿي.

حڪومت جي لڳاتار حمايت ۽ سڀني اسٽيڪ هولڊرن جي گڏيل ڪوشش سان، سبز عمارتن کي يقيني طور تي پاڪستان جي شهري منظرنامي ۾ انقلاب آڻڻ ۽ هڪ وڌيڪ پائيدار ۽ لچڪدار مستقبل لاءِ راهہ هموار ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي.

# لچڪدار پاڙون: شهري_ سي بي ايز ”ملين وڻڪاري“ مهم

وڻ پوکڻ صرف هڪ شوق ناهي. اهو ماحولياتي ڏکيائين جو هڪ اهم جواب آهي، جيڪا مستقبل جي نسلن لاءِ آلودگي کان آزاد مستقبل کي محفوظ ڪرڻ لاءِ هڪ مؤثر حڪمت عملي آهي. شهري_سي بي اي جي حڪمت عملي ”ملين ٽريز مهم“ جي پويان اهو جذبو آهي، جنهن ۾ هن وقت تائين ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ 25,000 کان وڌيڪ وڻ پوکيا ويا آهن.

تازو، شهري ميمبرن عامره جاويد ۽ امبر علي پائي برنس گارڊن ۾ 200 کان وڌيڪ وڻن جو اضافو ڪيو آهي. انهن ۾ خوشبودار ڄمون، مٺي گدامڙي ۽ ٻه عجوا کجور جا وڻ شامل آهن، اهي وڻ پوکيا ويا آهن. اهڙي دلچسپي ڪراچي کي سرسبز بنائڻ لاءِ امرا جي پختي ارادي کي ظاهر ڪري ٿي. گذريل چئن سالن کان هوءَ قائداعظم مئنيجمينٽ بورڊ جي احاطي ۾ مقامي وڻن جي مختلف قسمن جهڙوڪ: ميون، گل موهر ۽ نم جهڙن مقامي وڻن جي قسمن کي پوکي رهي آهي. ان جو خيال آهي ته ڪراچي وارن خاص ڪري ٻارڙن جي لاءِ فطتي جادو جو تجربو ڪرڻ لاءِ وڻن جي ٽُڙن تي ميون جي پچڻ جو مشاهدو ڪرڻ سميت ان جي تازي مٺاس جو مزو چکي سگهڻ آهي. امرا پاران ڪيترائي سال اڳ پوکيل ٻوٽا هاڻي ميوا ڏئي رهيا آهن.

شهري_ سي بيِ اِي جي ڪهاڻي اسان کي ياد ڏياري ٿي ته ماحولياتي عمل گڏيل جذبي سان عمل هيٺ اچي ٿو. جڏهن افرادي ڪميونٽي ۽ حڪومت گڏيل طور تي ڪوشش ڪندي وڻ لڳائيندا آهن جيڪا هڪ بهتر ڳالھ هوندي آهي. اها اسان جي ڌرتي جي فلاح ، بهبود سميت اسان جي مستقبل جي لاءِ گڏيل (05-12-2023) ڪوششون هونديون آهن.

وڻ پوکڻ ذريعي ڪراچي کي سبز ڪرڻ هڪ گهڻ رخي ڪوشش آهي، جيڪا ماحولياتي، سماجي ۽ صحت جي مسئلن کي حل ڪري ٿي. جيئن جيئن شهروڌندو رهي ٿو، ان جي سبزهنڌن کي بچائڻ ۽ وڌائڻ جي اهميت کي وڌيڪ نه ٿو سمجهيو وڃي.

گڏيل ڪوششن ۽ پائيدار قدمن وسيلي ڪراچي ۾ ايندڙ نسلن کي هڪ سرسبز، وڌيڪ پائيدار شهري ماحول ۾ تبديل ڪرڻ جي صلاحيت آهي.






# هڪ مهم جوئي پاران گلگت جو دورو

عامرہ جاويد

آءِ يو سي اين پاڪستان نيشنل ڪميٽي (PNC) جو اجلاس 2022ع ۾ گلگت ۾ ٿيڻو هو، پر تيز برساتن سبب ان کي رد ڪيو ويو ۽ اهو اجلاس اٺين کان ڏهين آگسٽ 2023ع تي گلگت ۾ ٻيهر منعقد ڪيو ويو.

آءِ يو سي اين پاران 7 آگسٽ تي صبح جو آباد کان پنهنجي ميمبرن کي کڻڻ لاءِ هڪ ڪوسٽر جو انتظام ڪيو ويو ۽ 8 آگسٽ تي بانگي پهچندي، ناران وٽ اسٽاپ ڪري، مارخور ڪنزرويشن ڪميونٽي جو دورو ڪيو، جتي ڪراچيءَ مان آيل ميمبرن اٽڪل 5 وڳي ساڻس ملاقات ڪرڻي هئي. شام اسڪردو کان هيٺ اسان ڪراچي کان اسڪردو لاءِ سڌي اڏام ذريعي پهتاسين ڇو ته اهو سڀ کان محفوظ رستو آهي، ڇاڪاڻ ته اسڪردو کان اينڊڙ اڏامون تمام گهٽ منسوخ ٿينديون آهن. جڏهن ته گلگت لاءِ اڏامون اڪثر دير يا ڪئنسل ٿينديون آهن.

جيئن ته ايچ اِي جي مان ڊاڪٽر سميرا ۽ مان ان فلائيٽ ۾ هئاسين جيڪا صبح 6:00 تي ٽيڪ آف ڪندي هئي. ان ڪري اسان کي صبح 4:30 تي پنهنجي گهر کي ڇڏڻو هو. هڪ ڪلاڪ جي دير کان پوءِ صبح 9:30 تي اسڪردو پهتاسين. فلائيٽ ڏاڍي وٽندڙ هئي، ڪپتان اسان کي تربيلا ڊيم ۽ قراقرم جبل جي سلسلي بابت ڄاڻ ڏني، اسان تربيلا ڊيم ۽ قراقرم جبل جي مٿان اڏام ڪري رهيا هئاسين. هڪ دفعي اسڪردو ۾ اسان کي منهنجي ڏيءَ ساره لاءِ 30 منٽن جو انتظار ڪرڻو پيو. جنهن کي اسلام آباد مان منهنجي درخواست تي مون سان گڏ وڃڻو هو. ڇاڪاڻ ته مان اڪيلي سفر ڪرڻ جي حوالي سان ٿورو گهڻو پريشان هئس.

اسان گلگت وڃڻ لاءِ ڪار جو بندوبست ڪيو هو پر جيئن ئي اسان ڪار وسيلي پهتاسين ته ڊرائيور ٻڌايو ته ٻنهي شهرن جي وچ ۾ رات جي تيز برسات سبب لينڊ سلائيڊنگ ٿي آهي ۽ اميد آهي ته رات



جبل جي چوٽيءَ تان ورتل هڪ صوير

جو 3 وڳي تائين رستو صاف ٿي ويندو.

اسان وٽ ٻه آپشن هئا. انهن مان هڪ اهو ته بند ٿيل روڊ تي پهچون ۽ ڪار ۾ ويهون يا وري ڪچورا ڍنڍ ۽ سوگ وادي جهڙن پڪنڪ جڳهن جو دورو ڪريون. اسان ڪچورا ڍنڍ جو دورو ڪيو. پلاسٽڪ جي بوتلن ۽ ريپرن سان ڀريل روڊ کي گندي پاڻي جي نيڪال کي خراب ڪندي ڏسي مان ڪجهه مايوس ٿيس.

جڏهن سفر جي پڄاڻيءَ تي پهتاسين ته ڪچورا ڍنڍ اتي ننڍيون ڪيبنون هيون، جن ۾ ريفريشمينٽ ۽ دستڪاري جا سامان هئا.

سڪ فروٽ: اخروٽ ۽ سيب سان ڀريل وڻ ڪراچي واسين جي لاءِ هڪ دعوت ڏئي رهيا هئا، جيڪي ڪنڪريٽ جي جهنگ مان هٿ آيا هئا. ڊاڪٽر سميرا ڪجهه اخروٽ ٽوڙڻ جي خواهش جو اظاهر ڪيو، پر دڪان جي مالڪ پاران نرمي سان



اخروٽ جو وڻ

چيو ته ان جي منع ٿيل آهي.

اُتي اسان تازن اخروٽن ۽ ٻير جي جوس جو مزو ورتو، جيڪو ڪنهن ڪيميڪل کان سواءِ سڌو سنئون ڪچو ميوو مان ٺاهيو ويو هو.

ڪچورا ڍنڍ تائين هيٺائين ۾ سفر اٽڪل 70 قدمن تي مشتمل هو، جنهن ۾ مون خطري کان پاسو ڪيو، پر ساره ۽ سميرا ڍنڍ جي برف واري ٿڌي پاڻيءَ ۾ پنهنجا پيروجهڻ لاءِ ڍنڍ ۾ هيٺ لهي ويا.

واپسيءَ تي اسان گرم ڪافي پيتي ۽ سوگ وادي ڏانهن روانا ٿياسين، جتي هنن درياهه جي ڪناري تي ويهڻ جي جاءِ ٺاهي هئي ۽ هتي اسان مشهور ٽرائوٽ مڇيءَ جو آرڊر ڪري سگهون پيا. جنهن جو اسان فوري طور تي آرڊر ڪيو، ڇاڪاڻ ته اهو لنچ جو وقت هو. جڏهن ٽرائوٽ پهتو ته مون کي ڪجهه حيرت ٿي ڇاڪاڻ ته مون کي هڪ سٺي سائيز جي مڇيءَ جي اميد هئي پر اها صرف 4 کان 6 انچ هئي، جنهن ۾ ٽرائوٽ جو ذائقو نه هو، تنهنڪري اسان ڊرائيور کي اها پيش ڪئي.

ان سڄي عرصي ۾ ڊرائيور حيدر، جيڪو نهايت شريف ۽ مهذب انسان هو، پنهنجي ٽيم سان روڊ بلاڪ واري صورتحال بابت اسان سان رابطي ۾ رهيو.

جيئن ته اڳ ۾ اسان کي 3:00 شام جو روڊ صاف ٿيڻ واري اندازي بابت ٻڌايو ويو هو. اسان بلاڪ ٿيل روڊ ڏانهن اڳتي وڌڻ جو فيصلو ڪيو ۽ شام جو 4:00 وڳي تائين ان پوائنٽ تي پهچي وياسين. اتي اسان کي ٻڌايو ويو ته شام 5 وڳي دير ٿي سگهي ٿي. ان ڪري شام جو 5 وڳي تائين اسان وٽ ويهڻ ۽ ان جي انتظار ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به رستو باقي نه هو ۽ ويچاري ڊرائيور پاران ڪيترائي ڀيرا اچ وڃ کان پوءِ اسان کي ٻڌايو ته اينڊڙ ڏينهن 12 وڳي کان پوءِ به اٿين ٿيڻ ممڪن ناهي، جنهن جو مطلب اهو هو ته اسان اڳي ئي ان ڳالهه کي نظرانداز ڪري ڇڏيو هو. ٻونجي ڪنزروينسي/ سي سي ايچ اي ضلعي

استور جي دوري واري تقريب ۾ اندر ميٽنگ کي پڻ ياد رکنداسين. جنهن جي لاءِ اسان ڪراچي کان سفر ڪيو هو.

هاڻي مون فيصلو ڪيو ته ايف ڊبليو او آفيسر سان رابطو ڪريان، جيڪو آپريشن جي نگراني ڪري رهيو هو، ڇاڪاڻ ته ان ڪان اصل پوزيشن معلوم ڪجي.

هاڻي مان اڌ ڪلوميٽر پنڌ ڪري ان هنڌ تي پهتس ۾ اتي موجود آفيسر کي گذارش ڪئي ته 2 فوٽ رستو صاف ڪري ڏنو وڃي ته جيئن بند ٿيل پوائنٽن جي ٻئي پاسي کان اسين پنهنجي منزل تي پهچي سگهون ، ڇاڪاڻ ته اسان کي ان پاسي هڪ بيو ايڪسڪيوٽر نظر اچي ٿو. اتي رڳو هڪ روڊ آهي. هڪ وڏي پٿر کان سواءِ ننڍا ننڍا پٿر روڊ کي روڪي رهيا آهن ۾ هو ان کي مڪمل کولڻ تي راضي ٿي ويو. هڪ دفعي حيدر پنهنجي دوست سان گڏ اسڪردو لاءِ مسافرن لاءِ سوئچ اوور جو بندوبست ڪيو هو.

منهنجي ڳالهه ٻولهه کان پوءِ انهيءَ آفيسر کي مقامي ماڻهن گهيري ورتو. جيڪي ان سان مقامي ٻوليءَ ۾ ڳالهائي رهيا هئا. واپس اچي انهيءَ آفيسر اسان کي چيو ته ائين ممڪن نه ناهي. اهو آفيسر ائين ان لاءِ ڪري رهيو هو، ڇاڪاڻ ته ان تي مقامي ماڻهن جو دٻاءُ هو. انهن ماڻهن ڪيس پنهنجي ٻولي ۾ ڳالهائڻ تي مجبور ڪيو هو. اهي رات ڳوٺ ۾ گذارڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. ٻنهي طرفن کان ڪيترن ئي ميلن تائين ڪو به گيسٽ هائوس يا هوٽل ڪونه هو.

هاڻي اسان وٽ هڪ ئي آپشن بچيو هو ته يا ته واپس اسڪردو وڃون ۾ ميٽنگ کي مس ڪريون يا خطرناڪ جبل تي چڙهي ٻئي پاسي لهون جيڪو منهنجي ٻن نوجوان ساٿين لاءِ ناممڪن هو. جڏهن ته اسان مقامي ماڻهو ڪيس ائين ڪندي ڏسي رهيا هئاسين.

مون جبل جي چڙهڻ جو جائزو ورتو، جنهن کي چوٽيءَ تي هڪ انتهائي خطرناڪ چاڙهي نظر اچي رهي هئي. جتان نڪرڻ جو ڪو به رستو نه هو.

آخرڪار مون هن بظاهر ناممڪن ڪم کي سرانجام ڏيڻ لاءِ اوڏانهن وڃڻ جو فيصلو ڪيو، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن اسان سڄ لهڻ سان وڌيڪ انتظار ڪريون ها ته اڳتي وڌڻ ناممڪن ٿئي پيو. مون پنهنجي ڌيءَ کي چيو ته مون کي يقين آهي ته جيڪڏهن مان هتي مري ويس ته مون کي ڪا به شيءِ ان کان روڪي نه سگهندي، تنهنڪري بهادر ٿيءُ ۾ هلو.

مون حيدر ۾ سندس هڪ دوست کي گذارش ڪئي ته پهرين ٻن ڇوڪرين کي ڪجهه فوٽ چڙهڻ ۾ مدد ڪن، پوءِ واپس اچي منهنجي مدد ڪن. اهڙيءَ طرح اسان جبل جي چوٽيءَ تي پهتاسين. ڊرائيور پوءِ ٻڌايو ته اتي ماڻهو بيٺا هئا. جڏهن هنن ڏٺو ته ڪيئن ٽي عورتون، جن مان هڪ سفيد وارن وارو ماڻهو جبل تي چڙهي رهيو آهي، هنن به ائين ڪيو. جبل جي هيٺاهين وارو سفر وڌيڪ خطرناڪ هو. ڇاڪاڻ ته اهو وڌيڪ برف سان ڀريل هو. ٻئي طرف اسان جي محفوظ ليڊنگ کان پوءِ ٽيم اسان جو سامان گڏ ڪرڻ لاءِ واپس هلي وئي. ان سڄي ڪارنامي ۾ اٽڪل 2 ڪلاڪ لڳي ويا ۾ اسان پنهنجي منزل طرف روانا ٿياسين ۾ رات 10 وڳي گلگت پهچي وياسين. ۾ اهو سفر 7 ڪلاڪن جو هو، اهڙي طرح سان اهو سفر 18 ڪلاڪن ۾ پورو ڪيو.

9 آگسٽ تي اسان وچ واري ڏينهن تائين هڪ انتهائي بهتر انداز ۾ معلوماتي ميٽنگ رهي، جتي اسان کي آءِ يو سي اين جي مختلف منصوبن بابت بريفنگ ڏني وئي. ان کان پوءِ اسان مارخور ڪنزرويشن/ ڪميونٽي ڪنٽرول ٽيل شڪار وارم علائقن جو دورو ڪيو، جتي اسان کي انهن جي مسئلن ۾ مارخور ٽرافي جي شڪار جي ڪاميابيءَ جي ڪهاڻي بابت ٻڌايو ويو. سفر دوران اسڪردو جي برعڪس، اسان کي چوڌاري ڪچرو نظر نه آيو ۾ ميون سان ٽمٽار وڻ اکين لاءِ تازگي ڏيندڙ نظارا ڏسڻ ۾ آيا. هن سال هنن شڪار لاءِ 4 لائسنس ڏنا ۾ برادريءَ کي 22 ڪروڙ رپيا مليا، جيڪو آمدنيءَ جو 80 سيڪڙو ۾ سرڪاري حصو 20 سيڪڙو آهي. 30 سيڪڙو کان 80 سيڪڙو اپ ڪيپ ۾ منافعي وارن منصوبن لاءِ بهتر سيڙپڪاري ڪئي وئي. هي هڪ بهترين عظيم ڪاميابيءَ واري ڪهاڻي آهي.

ڪميونٽي جو دورو ڪرڻ کان پوءِ اسان قديم مهاتما ٻڌ (مقامي طور تي ياشاني جي نالي سان مشهور) ڏسڻ لاءِ ويا. اسان کي درياهه جي ڪناري کان نقش نگاري جو سنو نظارو وٺيو. ان رات آءِ يو سي اين هڪ ڊنر



قديم ٻڌ (ياشاني)

جي ميزباني ڪئي جتي سيڪريٽري ۾ ٻين مقامي اڳواڻن کي سرينا جي بفٽ جي دعوت ڏني وئي، جيڪو وسيع لان تي هڪ خوبصورت ماڳ آهي.

ٻئي ڏينهن اسان جي چيف سيڪريٽري گلگت محي الدين واني سان ملاقات ٿي جيڪا صرف 15 منٽن تائين جاري رهڻ جي اميد هئي پر هڪ پيرو شروع ٿيڻ واري اها ملاقات هڪ ڪلاڪ کانپوءِ ختم ٿي.

انهيءَ چيف سيڪريٽري 14 مهينن جي مختصر عرصي ۾ صوبي ۾ ڪيترين ئي تبديليون آڻي ڇڏيون آهن.

1. تبديلي تحت شروعات ڪرڻ
2. ڪمرا پرائمري اسڪول کان 6 ڪمرن واري اسڪول ۾ مناسب ڊيسڪون، پينٽ ٿيل ديوارون، لائبريريون، آئي ٽي جون سهولتون ۾ سڀ کان اهم صحتمند لنچ جو انتظام هو. جيئن ته ان محسوس ڪيو ته ڪيترن ٻارڙن جي نشو نما رُڪجي وئي آهي. ان شاگردن جي اکين جي ٽيسٽ ڪرائڻ ۾ پڻ ڪردار ادا ڪيو ۾ معلوم ٿيو ته 20 سيڪڙو شاگردن جي اکين جي روشني گهٽجي وئي آهي ۾ ڪين اکين جون مفت عينڪون فراهم ڪيون ويون. اهو سڀ ڪجهه سندس ذاتي مصروفيتن سبب ٿيو، جنهن ۾ سندس دوستن، مخير حضرات ۾ ايل ايل ايم ايس انتظاميا جو سهڪار شامل هو.



چيف سيڪريٽري گلگت بلتستان سان ملاقات

2 ). ايل يو ايم ايس پنهنجن استادن کي شاگردن جي تربيت لاءِ موڪليو، جيڪو توسيع ٿيل پرائمري اسڪولن لاءِ پڻ ضروري آهي.
3). سپني سرڪاري اسڪولن جي بهتري ۽ اسڪولن ۾ ٽوائلٽس جي فراهمي.
4). انهن سپني ڪنيل قدمن وسيلي اسڪولن ۾ داخلا 20 سيڪڙو کان 30 سيڪڙو ۽ حاضري 90 سيڪڙو تائين وڌي وئي آهي.
5). هن ۽ سندس ٽيم پاران ڪيترن ئي ٻين ترقياتي منصوبن کي شروع ڪيو ويو آهي.

سندس آفيس مان اسان راڪاپوشي ويو اسپاٽ لاءِ روانا ٿياسين، رستي ۾ فوزيه سڄي ٽيم لاءِ مقامي پيزا شاپس مان اسنيڪ خريد ڪيو، جيڪي اسان راڪاپوشي ويو اسپاٽ تي کاڌو. هن وڻندڙ نظاري ۾ ماني کائڻ جو لطف لفظن ۾ بيان نہ ٿو ڪري سگهجي ۽ جڏهن بہ ياد ڪيو ويندو تہ هڪ تاريخي دعوت تصور ٿيندي.

ان کان پوءِ غلڪين وادي جي سير لاءِ وياسين جتي آغا خان 1986ع ۾ هڪ خوبصورت عمارت ٺاهي هئي.

اتان جي ٽن (03) ڳوٺن ۾ خواندگي جي شرح 100 سيڪڙو هئي، 1300 فردن مان 14 ماڻهو پرڏيهہ ۾ پڙهي رهيا هئا، اسڪول اچڻ لاءِ ڇوڪرين کي ان حد تائين پهچڻ لاءِ گليشيئر پار ڪرڻو پوندو آهي. هتي آءِ يو سي اين هڪ پراڻي گهر جي بحالي جو منصوبو ٺاهيندو آهي، جيڪو آخرڪار هڪ سياحتي ماڳ هوندو، جنهن مان ڳوٺ وارن کي سندن آمدني ۾ اضافي ڪرڻ لاءِ مدد ملندي. اهو هنڌ هڪ پيالي وانگر آهي جنهن جي چوڌاري ميوي جا وڻ آهن، پوءِ چانورن جي پوک ۽ آخر ۾ واٽر چينل جيڪي گليشيئرن مان پاڻي آڻين ٿا. هتي اسان کي مقامي ماڻهن ذائقي واري ماني ڏني ۽ پنهنجي سرگرمين جو مختصر دستاويزي رڪارڊ پيش ڪيو.

ان کان پوءِ اسان "گليشيئر بريز ان" گهمڻ لاءِ وياسين، جنهن ۾ ڪافي جي گرم پيالي سان گڏ بهترين اخروٽ ۽ خوبانيوارو ڪيڪ پيش ڪيو ويو ٿو، جيڪو واقعي هن دنيا جو تمام گهڻو ذائقيدار هو. ڇاڪاڻ تہ اسان پاسو ڪونز ۽ پاسو گليشيئرز جي تمام ويجهو هيون، جنهن ۾ جبل جي چوٽيءَ سان گڏوگڏ وهندڙ هڪ درياهہ آهي. ريسٽورنٽ تي ۽ ان جبل جي وچ ۾ اسان کي "ياڪ برگر" ريسٽورنٽ ڏانهن ويندڙ گاڏين جي هڪ



گليشيئر وارو پاسو

ڊگهي قطار نظر آئي.

واپسي تي اسان عطا آباد ڍنڍ تي جيڪا گوجال جي علائقي ۾ واقع هئي اتي ويٺا سين، اهو جنوري 2010ع ۾ عطا آباد ۾ هڪ وڏي لينڊ سلائيڊ ٿيڻ سبب ٺهيل هو، جتي توهان واضح طور تي انساني سرگرمين کي ڏسي سگهو ٿا، جنهن سبب ٻيڙين جي رواني جي ڪري قديمي نيرو پاڻي ڳاڙهي رنگ ۾ تبديل ٿي ررهيو آهي.

اهو نظارو توهان جي ڪرنگهي جي هڏي ۾ لرزش پيدا ڪندو آهي، ڇاڪاڻ تہ توهان وڻن جي چوٽي ۽ بجلي جي پولن کي توهان پاڻي هيٺ ٻڏندي ڏسي سگهو ٿا.



غلڪين وادي ۾ نماز وارو علائقو ۽ ڪميونٽي سينٽر



عطا آباد ڊيم _ توھان پاڻي جي رنگن ۾ واضح فرق سان انساني سرگرمين جي تباھي کي ڏسي سگھو ٿا.

ان جو چوڻ آھي تہ ماڻھن کي خطري جو اطلاع ملي چڪ ھو ۽ انھن مان گھڻا محفوظ ھنڌن ڏانھن ھليا ويا ھئا، پر ھڪ خاندان پوئتي رھجي ويو، چاڪاڻ تہ اتي شادي ھئي ۽ افسوس جي ڳالھہ آھي تہ اٽڪل 15 ماڻھو زنده دفن ٿي ويا.

ھتان اسان واپس راڪاپوشي مارڪيٽ پھتاسين، جتي ٽيم مقامي قيمتي پٿرن، مقامي گاؤنز، چترالي ٽوپين، خشڪ چيري، شھتوت ۽ زردالو جي تمام گھڻي خريداري ڪئي.

جيسيتائين ائين ٿي چڪو ھو، اسان محسوس ڪيو تہ ھاڻي گھڻي دير ٿي چڪي ھئي، ڇاڪاڻ تہ واپسي واري سفر ۾ گھٽ ۾ گھٽ ڏيڍ ڪلاڪ لڳندو ۽ اسان کي ٻئي ڏينھن اسڪردو کان واپسي لاءِ فلائيٽ وٺڻي ھئي. سو مون پنھنجي ڏيءَ سان گڏجي چيما صاحب سان گڏ ھوٽل واپس وڃڻ جو فيصلو ڪيو. باقي ٽيم خاص ٽرائوٽ کيڏڻ لاءِ وئي ۽ دير سان موٽي آئي.

ٻئي ڏينھن صبح جو 5:30 وڳي اسان اسڪردو لاءِ روانا ٿياسين ۽ درياھہ جي ڪناري سان جبلن جي قطار ۾ ڪيتريون ئي بارودي سرون ڏسي صبح جو 9:00 ۽ پوءِ 12:45 منٽن تي اسلام آباد پھتاسين.

پاڪستان ۾ 36 نيشنل پارڪ آھن، جن مان 25 لاڳاپيل صوبائي حڪومتن جي ماتحت آھن. رڳو ڪجھہ آءِ يو سي اين جي تحفظ ھيٺ آھن.

حياتياتي زندگين جي تحفظ ۾ انھن جي اھميت بابت وڌيڪ آگاھي جي ڪري 1993ع ۽ 2005ع جي وچ ۾ 10 نيشنل پارڪ قائم ڪيا ويا.

جديد حفاظتي طريقيڪار مطابق، قدرتي پارڪ ھڪ محفوظ علائقو آھي، جنھن کي حڪومت طرفان اقدرتي رھائش گاھہ ۾ نباتات، جانورن جي تحفظ لاءِ مخصوص ڪيو آھي. اھا تحقيق، تعليم ۽ تفريح لاءِ عوام تائين رسائي آھي. عوامي استعمال کي ھٿي وٺرائڻ لاءِ روڊن ۽ ريسٽ ھائوسن جي تعمير جي اجازت ڏني وئي آھي. انھن علائقن ۾ ھٿيارن جي استعمال، جھنگلي جيوت جي آلودگي تي پابندي لڳل آھي. سڀ کان پراڻو پارڪ بھاولپور ۾ لال سوھانہ آھي، جيڪو 1972ع ۾ تعمير ڪيو ويو.



بلين ٽري سونامي



غلڪن وادي جي ميمبرن سان گڏ فوٽوگرافي

# هڪ شهري جو ڪيس (ڪراچي ۾ سرڪاري بيوروڪريسي)

**ڪراچي جو بنيادي ڍانچو بحران نہ رڳو فنڊنگ جي کوٽ، پر سمورن ذميوار حڪومتي ادارن جي وسيع تر بي حسي جي ڪري نهايت ئي خطرناڪ موڙ تي پهچي چڪو آهي.**

انهيءَ لاپرواهي جو هڪ مثال بلوچ ڪالوني ۾ نيشنل بينڪ آف پاڪستان شهيد ملت برانچ ۽ شاهراه فيصل تي بلوچ ڪالوني فلاءِ اوور پرسان سروس روڊ جي خراب حالت آهي.

